REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌ سڪر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 08 مارچ 2024ع بمطابق 26 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 283

سنڌ اسيمبلي ۾ ذوالفقار علي پٽو کي قومي هيرو قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور

سپريم ڪورٽ پاڻ مڃيو آهي ته پٽو ڪيس ۾ غلطي ٿي آهي، جيڪو ظلم ٿيو آهي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ آئين ۾ ترميمون ڪرٽيون پونديون: مراد علي شاهه

وفاقي حڪومت کان سياسي شهيدن لاءِ ايوارڊ جو مطالبو ڪنداسين، شهيد کي انصاف ملڻ تي اسان جون دليون خوش هيون، پر اسان جون اکيون گوڙهن سان پريل هيون

ذوالفقار علي پٽي جو قتل ٽرائل نه پر ٽرائل جو قتل هو، 9 جج صاحبان ساراهه جا لائق آهن، کنهن به چيف جسٽس کي اها جرئت نه ٿي ته هو ڪيس ٻڌي يا راءِ ڏئي، ججن اتفاق سان راءِ ڏني: سعيد غني

ناني جو قتل ٽيوءِ ڏوهٽي فيصلو ٻڌو، اسان اهڙي ملڪ ۾ رهون پيا، جتي انصاف جي ڪوٽ آهي (عبدالوسيم) ثابت ٿي ويو ته عوام لاءِ وڙهندڙن سان ڪهڙو ورتاءُ ٿيندو آهي: شبير قريشي

ملڪ ۾ قوم جو نقصان ٿيو آهي، ان جو رستو ڪير روڪيندو؟ ان جو رستو جمهوري ماڻهن کي روڪڻو آهي، اڄ به هڪ وزيراعظم جيل ۾ آهي، نڪاح جي نالي تي ان کي سزا ڏني وئي: محمد فاروق

جمهوري هيرو قرار ڏيڻ جو لهراءُ سنڌ اسيمبلي ۾ جمع ڪرائي چڏيو، سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي مراد علي شاهه، ذوالفقار علي پٽو کي قومي هيرو قرار ڏيڻ جو لهراءُ سنڌ اسيمبلي ۾ جمع ڪرائي چڏيو، سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي مراد علي شاهه، ذوالفقار علي پٽو کي سرڪاري طور تي شهيد ڊڪليئر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

شهيد ذوالفقار علي پٽو (فائل فوٽو)

جسٽس ملڪ شهزاد لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر، صدر منظوري ڏئي چڏي

اسلام آباد (ڊ ن) صدر عارف علوي جسٽس ملڪ شهزاد کي لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏئي چڏي. ايوان صدر جي ترجمان موجب صدر عارف علوي چيف جسٽس بلوچستان هاءِ ڪورٽ نعيم اختر افغان جي سپريم ڪورٽ جي جج طور مقرري جي منظوري ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ ۾ رمضان پيڪيج جي تحت في خاندان کي 5 هزار روڪ رقم ڏيڻ جو فيصلو

سنڌ جي وڏي وزير گهٽ پگهار وارن 44 لک خاندان کي رمضان ۾ رليف ڏيڻ جو فيصلو ڪيو، جن جي گهٽ گهٽ ماهوار آمدني 34 هزار روپيه آهي، رليف بينڪ ذريعي ڏنو ويندو: ترجمان

رمضان المبارڪ ۾ هر گهٽ آمدني وارن خاندان کي بٽنڪ ذريعي 5000 روپيا ڏنا ويندا، اهڙي طرح 35 لک خاندان کي 5000 روپيا ڏنا ويندا، مجموعي طور 22.5 ارب روپيا ادا ڪيا ويندا: وڏو وزير

اجلاس ۾ ذخيره اندوزن ۽ منافع خورن خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو، ڪمشنر ڪراچي کي ڪراچي ۾ ذخيره اندوزن ۽ منافع خورن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪرڻ جي هدايت

انتظاميه مارڪيٽ ۾ شين جي مقرر ڪيل قيمتن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي، مان پاڻ اوچتو ڇاپا هڻي چيڪ ڪرڻ ويندس، سنڌ زڪوات ڪاتو 110000 غريب خاندان کي في خاندان 14000 روپيا ادا ڪندو: وڏو وزير

سڄي صوبي ۾ سحري ۽ افطار دوران لوڊشيڊنگ نه ڪئي وڃي، ڪي اليڪٽرڪ، حيسڪو ۽ سيپڪو رمضان المبارڪ دوران لاڳاپيل علاقن ۾ بجلي جو نظام برقرار رکن: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه 22.5 ارب روپين جي رمضان پيڪيج جو اعلان ڪيو ڪراچي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ رمضان المبارڪ دوران لوڊشيڊنگ کنٽرول ڪرڻ بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ ميئر ڪراچي، چيف سيڪريٽري، پرنسپل سيڪريٽري، آءِ جي پوليس، سيڪريٽري فنانس، ايڈيشنل آءِ جي آفيسرن شرڪت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس، نجڪاري جي عمل ۾ اڳيرائي جي رپورٽ طلب

نجڪاري جو عمل تيز رفتار بڻايو وڃي ته جيئن معيشت جي بحالي جو عمل تيز ٿئي: وزيراعظم

نجڪاري جا ذميوار ادارا صلاحيت وڌائڻ ۾ گهربل صلاحيت حاصل ڪرڻ جا فوري قدم کڻن

ايندڙ ڪاوڙن کي جلد کان جلد ختم ڪيو وڃي ته جيئن ملڪ ۾ قوم کي اربين رپين جي خسارن مان ڇوٽڪارو ملي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف نجڪاري بابت اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (ڊ ن) وزيراعظم محمد شهباز شريف نجڪاري جي عمل ۾ ايندڙ ڪاوڙون جلد کان جلد ختم ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان جيئرمين جوائنٽ چينس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا جي ملاقات

اسلام آباد (ڊ ن) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان جيئرمين جوائنٽ چينس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا جي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

وزيراعظم سان آڳوٺي نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني جي ملاقات

نگران حڪومت جي دور ۾ پرڏيهي معاملن ۾ ٽيل اڳيرائي بابت تفصيلي بريفنگ

ملاقات ۾ سينيٽر اسحاق دار ۽ سيد طارق فاطمي پڻ موجود هئا

اسلام آباد (ڊ ن) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان آڳوٺي نگران پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني ملاقات ڪئي ۽ نگران حڪومت جي دور ۾ پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه رمضان پيڪيج بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

صدر پاران عورتن ۽ ٻارن جي سزائن ۾ خصوصي ڇوٽ جو اعلان

ڇوٽ 2 سال يا ان ڪان گهٽ عرصي جي لاءِ سزا يافته عورتن ۽ ٻارن تي لاڳو هوندي

ڇوٽ سزا مڪمل ٿيڻ ۾ 2 سال ڪان گهٽ جو عرصو رهيل ويندڙ عورتن ۽ ٻارن تي پڻ لاڳو هوندي

اسلام آباد (ڊ ن) صدر ڊاڪٽر عارف علوي عورتن ۽ ٻارن جي سزائن ۾ انساني همدرديءَ جي بنياد تي خصوصي ڇوٽ جو اعلان ڪيو آهي، ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب سزا ۾ ڇوٽ 2 سال يا ان ڪان گهٽ عرصي جي لاءِ سزا يافته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

گر ٽيل ماڻهن جو ڪيس، سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران اڳيرائي رپورٽ طلب

عدالت حڪر ڏنو، 2 مهينن ۾ ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي آهي: عدالت

ٻن ڇڻن کي شڪ جي بنياد تي گرفتار ڪيو، پر انهن ضمانت ڪرائي ورتي: جاچ آفيسر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گر ٽيل ماڻهن جي بازيابي بابت وفاقي ۽ صوبائي گهرو سيڪريٽرين، آءِ جي سنڌ ۽ بين لاڳاپيل ادارن کان اڳيرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

علي امين گنڈاپور کي اشتهاري قرار ڏيڻ جو فيصلو ڪالعدم قرار

علي امين گنڈاپور جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست داخل، عدالت پاران منظور

جوڊيشل ميجسٽريٽ لاڳيتو پيش نه ٿيڻ تي علي امين گنڈاپور کي اشتهاري قرار ڏنو

اسلام آباد (ڊ ن) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير علي امين گنڈاپور کي اشتهاري قرار ڏيڻ وارو ٽرائيل ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ حڪومت 75 لا آفيسرز جي فوج پرتي ڪري رکي آهي: چيف جسٽس

پرتين جي لاءِ عمر جي حد ۾ 15 سال جي رعايت ڪهڙي قانون تحت ڪئي وئي آهي؟

چيف سيڪريٽري کي 15 ڏينهن ۾ ٻيهر لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جو حڪر ڏنو ويو

ڪراچي (ڊ ن) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڇيرآهي ته سنڌ حڪومت 75 لا آفيسرز جي فوج پرتي ڪري رکي آهي، ججز ۽ سرڪاري آفيسرن جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

ڪيڊٽ ڪاليج پنوعاقل جي پرنسپال جا گرفتاري وارنٽ جاري

چيف سيڪريٽري کي ملازمن جي پگهارن ۽ مستقليءَ جو مسئلو حل ڪرڻ جو حڪر

عدالت پاران ڪيڊٽ ڪاليج جي پرنسپال جي پيش نه ٿيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

سکر (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ڪيڊٽ ڪاليج پنوعاقل جي پرنسپال جي گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪري چڏيا. چيف سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي ۾ نشائي وڙهي پيا، فائرنگ ۾ هڪ قتل

مارجي ويل شخص جي سجاٽ مسلم بلوچ جي نالي سان ٿي

ڪراچي (رپورٽر) ڪلاڪوٽ غريب شاهه مزار پرسان فائرنگ ۾ هڪ جٿو مارجي ويو ۽ به زخمي ٿي پيا. پوليس موجب مارجي ويل شخص جي سجاٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

انٽربينڪ ۾ ريئي جي قدر ۾ واڌ، ڊالر سستو ٿي ويو

انٽربينڪ ۾ ڊالر 7 پئسا سستو ٿيو، گذريل ڏينهن ڊالر 279 رپين 28 پئسا هو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 26 پئسا گهٽجڻ کانپوءِ 281 رپيا 74 پئسن جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بينڪ ۾ ڊالر جو اڳهه گهٽجڻ کانپوءِ ريٽي جو اڳهه وڌي ويو. اسٽيٽ بينڪ طرفان جاري ڪيل انڪن اڪرن موجب انٽر بينڪ ۾ اڄ ڊالر 7/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نيويارڪ: پاڪستاني سفير عورتن جي عالمي ڏينهن بابت تقريب کي خطاب ڪندي

موڊيز پاڪستان جي بينڪنگ شعبي جي ريٽنگ مستحڪم ڪري چڏي

هلندڙ سال پاڪستان ۾ معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي: موڊيز

مهانگائي جي شرح گذريل سال جي پيٽ ۾ 29 سيڪڙو مان گهٽ ٿي 23 سيڪڙو رهندي

بينڪنگ شعبي جو منافعو ايندڙ سال ويا ڄاڻ جي شرح ۽ بلند ٽيڪسن سبب گهٽ ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (ڊ ن) موڊيز پاڪستان جي بينڪنگ شعبي جي ريٽنگ مستحڪم ڪري چڏي، موڊيز موجب هلندڙ سال پاڪستان ۾ معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته مهانگائي جي شرح گذريل سال جي پيٽ ۾ 29 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سحري ۽ افطاري ۾ گيس جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي: سوئي سدرن

واهپيدارن جي سهولت لاءِ سحري ۽ افطاري جي تياري جي وقتن ۾ گيس جي فراهمي کي يقيني بڻائيندا سين

هر سال 8 کان 10 سيڪڙو گهٽتائي سبب سسٽم ۾ گيس جي گهرج ۽ پهچ ۾ به واضح گهٽتائي موجود آهي

رمضان المبارڪ ۾ گيس صبح جو 9 وڳي کان مجهند جو 3 وڳي تائين نه هوندو، رات جو 3 وڳي تائين به لوڊشيڊنگ هوندي

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز اي ايس پي شهربانو ۽ شاگردياڻين سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سوئي سدرن گيس ڪمپني چيئرمين ته سحري ۽ افطاري ۾ گيس جي فراهمي يقيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گذريل هڪ سال دوران پاڪستان ۾ وي پي اين جي استعمال ۾ 6 هزار سيڪڙو واڌ

جنيوا (ڊ ن) انٽرنيٽ پرائيويسي ڪمپني پروٽون چيئرمين ته گذريل هڪ سال دوران پاڪستان ۾ وي پي اين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حيدرآباد ۾ فائرنگ دوران قانون جي شاگرديائي پاءُ سميت قتل، قاتل به آپگهات ڪري چڏيو

هٿياربند شخص جي فائرنگ ۾ قانون جي شاگرديائي يسرا ڏيءَ رياض پٺاڻ ٽڏي تي مارجي وئي

اطلاع تي پوليس پهچي مقتولا جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪري چڏيو

فائرنگ ڪندڙ جوابدار ارشاد علي ڪوکر به پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري چڏيو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ فائرنگ دوران قانون جي شاگرديائي قتل سندس پاءُ زخمي ٿي پيو، قاسم آباد جي واڌو واهه وٽ ڪار سوار هٿياربند جي فائرنگ ۾ قانون جي شاگرديائي قتل سندس پاءُ زخمي ٿي پيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ماڙي جلبائي واقعي جي ڪيس جي بڏٽي، بي آءِ جي عبوري رپورٽ جمع ڪرائي

ڪال رڪاڊنگ ۽ جيو فينسنگ جو پڻ جائزو ورتو پيو وڃي، جنهن بعد جوابدرن جو تعين ڪيو ويندو: رپورٽ

واقعي بابت درخواست غير موثر ٿي چڪي آهي، درخواست جديشل ڪميشن لاءِ داخل ڪئي وئي هئي: پراسيڪيوٽر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ماڙي جلبائي واقعي جي ڪيس جي بڏٽي ٿي. شهيد بينظير آباد جي ڊي آءِ جي واقعي جي عبوري رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي چڏي. جسٽس نعمت الله قلهوت جي سربراهي ۾ ماڙي جلبائي واقعي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

غزه: هڪ شهري تباه حال عمارت اڳيان ڪنڊي رهيو آهي

پاڪستان پاران او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي گذريل ڏينهن منعقد ٿيندڙ غير معمولي اجلاس جي آڇيان

اسلام آباد (ڊ ن) پاڪستان سعودي عرب جي شهر جده ۾ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) پرڏيهي وزيرن واري ڪائونسل جي گذريل ڏينهن منعقد ٿيندڙ غير معمولي اجلاس جي آڇيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پشاور هاءِ ڪورٽ چونڊيل ميمبرن کي حلف کڻڻ کان روڪڻ واري حڪم ۾ واڌ ڪري چڏي

پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اشتياق ابراهيم جي سربراهي ۾ 5 رڪني لارجر بينچ جي درخواست تي ٻڌڻي

سني اتحاد ڪائونسل طرفان بابر اعوان ۽ قاضي انور پيش ٿيا، ايڈيشنل اٽارني جنرل ۽ پين ڏرين جا وڪيل به آيا

پشاور (ڊ ن) پشاور هاءِ ڪورٽ سني اتحاد ڪائونسل کي مخصوص سيٽون الاٽ ڪرڻ جي خلاف داخل درخواست تي چونڊيل ميمبرن کي حلف کڻڻ کان روڪڻ جي حڪر ۾ واڌ ڪري چڏي. پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اشتياق ابراهيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

عثمان شاهه هڙي ويجهو موٽرسائيڪل ڦر دوران مزاحمت تي نوجوان قتل

هٿياربندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ڪري گيانچند کي قتل ڪري چڏيو

علاقي واسين جو واقعي خلاف ٽنڊو آدم روڊ تي احتجاجي ڌرٽو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي

جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف علاقن جي ناڪابندي ڪئي وئي آهي: پوليس

ٽنڊو الهيار (رپورٽر) ٽنڊو الهيار جي علاقي عثمان شاهه هڙي ويجهو موٽرسائيڪل ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ڪري گيانچند کي قتل ڪري چڏيو. دوران مزاحمت تي ڪنديارو واسي شهري مارجي ويو. هٿياربندن ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي فائرنگ ڪري گيانچند کي قتل ڪري چڏيو، گيانچند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

سپريم جڊيشل ڪائونسل جسٽس مظاهر نقوي کي مس ڪنڊڪٽ جو ذميوار قرار ڏئي چڏيو

جڊيشل ڪائونسل جسٽس مظاهر نقوي کي برطرف ڪرڻ جي سفارش ۽ پنهنجي راءِ منظوري لاءِ صدر کي موڪلي چڏي

ڪائونسل پنهنجي رول 5 ۾ ترميم ڪئي آهي، رول 5 ۾ ترميم ڪانپوءِ الزامن تي وضاحت ڏيڻ جو حق ججن کي ڏنو ويو آهي

ڪائونسل بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج کي به نوٽيس جاري ڪندي ان خلاف داخل شڪايت تي جواب طلب ڪري ورتو آهي

اسلام آباد (ڊ ن) سپريم جڊيشل ڪائونسل جسٽس مظاهر نقوي کي مس ڪنڊڪٽ جو ذميوار قرار ڏئي چڏيو. سپريم جڊيشل ڪائونسل جسٽس مظاهر نقوي کي برطرف ڪرڻ جي سفارش ۽ پنهنجي راءِ منظوري لاءِ صدر کي موڪلي چڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سرفراز بگٽي پاران سرڪاري گاڏين ۾ بين صوبن ۾ استعمال نه ڪرڻ جو حڪر

سرڪاري ڪمن لاءِ ونڊنڊ گاڏين کي چيف سيڪريٽري کان اين او سي وٺڻو پوندو: سرفراز بگٽي

ڪوبه آفيسر ذيوٽي واري هنڌ کان ٻاهر ذاتي استعمال لاءِ گاڏيون استعمال نه ڪندو: هدايت

ڪوئٽا (ڊ ن) بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي بين صوبن ۾ سرڪاري گاڏين استعمال نه ڪرڻ جو حڪر جاري ڪندي چيف سيڪريٽري کان اين او سي وٺڻو پوندو. هن وزير جو چوڻ آهي ته سرڪاري ڪمن لاءِ ونڊنڊ گاڏين کي چيف سيڪريٽري کان اين او سي وٺڻو پوندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم وزارت عظميٰ جو عهدو سنيالڻ تي پارٽي وزيراعظم پاران مبارڪباد جي پيغام تي سندس ٽورا مچيا

اسلام آباد (ڊ ن) وزيراعظم محمد شهباز شريف وزارت عظميٰ جو عهدو سنيالڻ تي پارٽي وزيراعظم پاران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

صدر عارف علوي ٽن ججن جي مقرري جي منظوري ڏئي چڏي

جسٽس نعيم اختر افغان جي سپريم ڪورٽ جي جج طور منظوري ڏني وئي

جسٽس محمد هاشم خان ڪاڪڙ وقتي چيف جسٽس بلوچستان هاءِ ڪورٽ مقرر

اسلام آباد (ڊ ن) صدر ڊاڪٽر عارف علوي ٽن ججن جي مقرري جي منظوري ڏني چڏي. ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر ڊاڪٽر عارف علوي جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نيب ريفرنسز ۾ حسن ۽ حسين نواز جا دائمي گرفتاري وارنٽ معطل

حسن ۽ حسين نواز 12 مارچ تي پاڪستان اچڻ چاهين ٿا: وڪيل جي عدالت کي آگاهي

جوابدارن کي پيش ٿيڻو پوندو، ان جي بنا گرفتاري وارنٽ معطل نٿا ٿي سگهن: نيب پراسيڪيوٽر

عدالت حسن ۽ حسين نواز جا دائمي گرفتاري وارنٽ 14 مارچ تائين معطل ڪري چڏيا

اسلام آباد (ڊ ن) احتساب عدالت نيب ريفرنسز ۾ حسن ۽ حسين نواز جا دائمي گرفتاري وارنٽ معطل ڪري چڏيا، اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج ناصر جاويد رانا محفوظ ٽيل فيصلو ٻڌايو، ان موقعي تي حسن ۽ حسين نواز جا وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان عمر ايوب کي اپوزيشن اڳواڻ بنائڻ جي منظوري ڏئي چڏي

سيني کي خبر آهي ته ڪيس ڪهڙي طرح هلايا پيا وڃن ان جي باوجود اعليٰ عدليه تي پروسو آهي: بئريسٽر گوهر

خيبرپختونخواهه ڪابينه ٻڌجي چڪي آهي، عمران خان سان ملاقات ۾ عورتن جي سيٽن بابت ڳالهيون ٿيون

مخصوص سيٽن تي اليڪشن ڪميشن جو فيصلو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪنداسين: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (ڊ ن) تحريڪ انصاف جي باني عمران خان عمر ايوب کي قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ بنائڻ جي منظوري ڏئي چڏي آهي، اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو ته سيني کي خبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عمران خان کي ڪجهه به ٿيو ته ذميوار حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ هوندي: شعيب شاهين

ٽيمپرنگ ڪانپوءِ ڪجهه پولنگ اسٽيشنز ۾ رون جي شرح 99.99 سيڪڙو ڪئي وئي، جيڪو ناممڪن آهي

هي آءِ ايم ايف ڪان قرض ونڊنڊ ۽ اشرافيا کائي ويندي، قرض وري عوام لاهيندي، عدليا کي گهرجي ته انهن جورن کي روڪي

اسلام آباد (ڊ ن) تحريڪ انصاف اڳواڻ شعيب شاهين چيو آهي ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ باني ڪجهه ٽيو ته ذميوار موجوده حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ هوندي. اليڪشن ڪميشن ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي شعيب شاهين چيو ته ٽيمپرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ ۾ تعليمي سال پهرين آگسٽ کان شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ تعليمي سال پهرين آگسٽ کان شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو، تعليم کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستان ڪشميرين جي سياسي، سفارتي ۽ اخلاقي حمايت جاري رکندو: پرڏيهي آفيس

ڪشميري عورتون وڏي پئماني تي ڏڪ برداشت ڪيا ۽ رکاوٽن کي منهن ڏنو

ڪشميري عورتون پنهنجي زندگي پنهنجي مرضي موجب گذارڻ جون مستحق آهن

اسلام آباد (ڊ ن) پاڪستان جي ڌرتيءَ تي هر مڙس ۽ عورت کي برابر حقن جي ضمانت ڏيندڙ آئين جي آرٽيڪل 25 جي تحت ڪشميري عورتن جي بنيادي حقن جي حمايت جاري رکندو. پرڏيهي آفيس موجب چمن ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفانه ۽ پرامن حل جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب جموں ۽ ڪشمير جي ماڻهن جي حق خودارادي جي حمايت جاري رکندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ جاويد هاشمي ڪي پي ڪابينه جو حصو بنجڻ ۾ ڪامياب

عمر ايوب جو سئوٽ ارشد ايوب ۽ اسد قيصر جو ننڊو پاڻ عاقب الله صوبائي وزير ٻڌجي ويا

شهرام ترڪئي جو ننڊو پاڻ فيصل ترڪئي ۽ نور الحق قادري جو پائيٽيو عدنان قادري به ڪابينا ۾ شامل

شير افضل مروت جو ننڊو پاڻ ۽ ڪراچي سان تعلق رکندڙ مزمل اسلم وڏي وزير جا صلاحڪار مقرر ٿيا

پشاور (ڊ ن) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ جاويد هاشمي خيبرپختونخواهه ڪابينه جو حصو بنجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن پي ٽي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ عمر ايوب جو سئوٽ ارشد ايوب صوبائي ڪابينه ۾ شامل ٿي ويو جڏهن ته صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: چين جو قونصل جنرل عورتن جي عالمي ڏينهن تي تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان غزه ۾ روزي جي مهيني ۾ فوري جنگ بندي جو مطالبو ڪري چڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان غزه ۾ روزي جي مهيني ۾ فوري جنگ بندي جو مطالبو ڪري چڏيو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ غزه ۾ شهرين جي قتل عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پاڪستان ۾ تنزانيه 12 مارچ تي دارالسلام ۾ بطرفي سياسي مشاورت جو افتتاحي اجلاس منعقد ڪندا

اسلام آباد (ڊ ن) پاڪستان ۽ تنزانيه 12 مارچ تي دارالسلام ۾ بطرفي سياسي مشاورت جو افتتاحي اجلاس منعقد ڪندا. اها ڳالهه پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ پريس بريفنگ ۾ ٻڌائي. ڳالهين ۾ ايڊيشنل پرڏيهي سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

خيبرپختونخواهه ۾ فورسز جون ڪارروائيون، 2 دهشتگرد مارجي ويا

پهرئين آپريشن ۾ شموز عرف شاني ماريو ويو، ٻئي ۾ منصور مارجي ويو

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار برآمد ڪيا ويا: آءِ ايس پي آر

راولپنڈي (ڊ ن) خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مختلف ڪارروائين ۾ به دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب خيبر پهرئين آپريشن ۾ شموز عرف شاني ماريو ويو. جڏهن ته ڊي آءِ خان ۾ ٻئي آپريشن دوران دهشتگرد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪنڊڪوٽ جي ڪچي ۾ ڏاڙيلن ينگ نه ملڻ تي مغوي کي قتل ڪري چڏيو

ڏاڙيلن مستري رافع سميجو ۽ سندس ساٿي کي فون ڪري خراب ٽريڪٽر ٺهرائڻ بهاني گهرائي اغوا ڪيو

ٻنهي مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ڏاڙيلن هڪ ڪروڙ ينگ گهريو، وارثن چندا ڪري 16 لک روپيا ڏاڙيلن تائين پهچايا هئا

ڏاڙيلن ٻنهي مغوين مان رافع سميجو کي تشدد جو نشانو بڻائي ماري چڏيو آهي، وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ جي ڪچي ۾ ڏاڙيلن ينگ نه ملڻ تي شڪارپور واسي مغوي رافع سميجو کي مبينا طور قتل ڪري چڏيو، ڏاڙيلن ٽريڪٽرن جي مستري رافع سميجو ۽ سندس ساٿي کي فون ڪري خراب ٽريڪٽر ٺهرائڻ بهاني گهرائي اغوا ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نوشهروفيروز ۾ ضلعي ڪائونسل جو ترقياتي اسڪيمن بابت گڏجاڻي، ميمبرن پاران اهم معاملن تي ڳالهيون

اجلاس دوران ضلعي ميمبرن کي پنهنجون ترقياتي اسڪيمون پيش ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي: سهيل اختر عباسي

ڪائونسل جي سيني ميمبرن کي پنهنجن پنهنجن علاقن جي نمائندگي جي ڀلائي لاءِ اسڪيمون ڏيڻ گهرجن

اجلاس دوران ميمبرن ضلعي انڊر امن ۽ امان جي خراب صورتحال بابت رڙ پيش ڪئي جيڪا ايوان پاران متفقه منظور ڪئي وئي

نوشهروفيروز: چيئرمين ضلع ڪائونسل اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ضلعي ڪائونسل جو ترقياتي اسڪيمن بابت گڏجاڻي ضلعي چيئرمين سهيل اختر عباسي جي صدارت ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي ڪاميٽي روم ۾ ٿيوان مرڪزي تي خطاب ڪندي ضلعي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

گهارو علماءِ ايڪشن ڪميٽي پاران احترام رمضان شريف بابت سيمينار منعقد

گهارو رپورٽر (بشار جوڪيو) علماء ايڪشن ڪميٽي پاران احترام رمضان شريف بابت سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ خطاب ڪندي ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين حاجي احسان جوڪيو، مولوي محمد قاسر چانديو، مولوي عبدالوهاب بلوچ، مولوي غلام محمد سومرو ۽ پين ڇيو ته رمضان شريف جو احترام ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. واپارين کي گهرجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ جي صوفي بزرگ درويش سخي سيد نور شاهه بخاري جي ميلي تي صوفياڻي محفل

درويش سخي سيد نور شاهه بخاري جي 149 هين ميلي جو ڏهاڙو صوفياڻي طرز سان ملهايو ويو

فنڪارن پنهنجي صوفياڻي راڳ سان صوفين جي سوز ساز کي سمجهڻ ته ڏکيو آڳائي داد حاصل کيو

عنايت قمبراڻي، غفور قمبراڻي، تيمور قمبراڻي، محمد هاشم حاجاڻو، سائينداد حاجاڻو، مغل، لغاري شرڪت ڪئي

تندو محمد خان (ابراهيم علي بروهي) سنڌ جي صوفي بزرگ درويش سخي سيد نور شاهه بخاري جي ميلي تي صوفياڻو راڳ سان ڏهاڙو ملهايو ويو. خبر مرجب تندو محمد خان جي ڀرپاڙ حسين خان لغاري ۽ سنڌ جي صوفي بزرگ درويش سخي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور پرسان ناپرڪوٽ ڪوٽ ٽاٽي جي حد مان مبينا طور اغوا ٽيل نوجوان جو لاش هٿ

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور ڪجهه ڏينهن اڳ هٿياربندن هڪان شڪارپور جي ناپرڪوٽ ڪوٽ ٽاٽي جي حد مان مبينا طور اغوا ٽيل نوجوان عبدالرافع سميجو جو غوثپور پرسان بي ايس فيڊرمان لاش هٿ آيو آهي عبدالرافع سميجو کي سائي سميت ڪجهه ڏينهن اڳ ڏاڙيلن دوکي سان ڇڙهي تيغو جي ڪجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

تندو محمد خان: صوفياڻي ميلي ۾ فنڪاره پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهي آهي

بدين ۾ پروونشل هائي ويز اربين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف، اختيارين خاموش

ضلعي جي مختلف علاقن ۾ روڊن جي تعمير جي لاءِ اربين روپين جا ٽينڊر ڪيا ويا

اعلي پوسٽ تي ويٽل آفيسر جي نالي ٽيڪيدارن کان 10 سيڪڙو ڪميشن ورتي وئي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) پروونشل هائي ويز بدين ۾ اربين روپين ي ڪرپشن جو انڪشاف مختلف علاقن ۾ روڊن جي تعمير جي لاءِ اربين روپين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وفاقي، صوبائي، ضلعي ۽ تعلقي جا اجلاس رڳو اجلاس ثابت نه ٿيڻ گهرجن: ڊاڪٽر سعيد اعوان

بهترين پاليسي جوڙي وڃي ۽ ان تي مڪمل عمل ڪيو وڃي. ذخيره اندوزي ۽ مهانگائي عروج تي آهي

رمضان المبارڪ ۾ روزاني ضرورت جي شين سميت ڪاڏي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي

سستين شيون خريد ڪري مهانگي اگهه تي وڪرو ڪري ٿي. يوٽيلٽي اسٽورن تي ماڻهن کي ڪجهه به نٿو ملي

سکر (رپورٽر/امداد علي گل ڪلوڑ) تنظيم پاڪستان جي سربراهه ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو آهي ته وفاقي، صوبائي، ضلعي ۽ تعلقي جا اجلاس رڳو اجلاس ثابت نه ٿيڻ گهرجن پر بهترين پاليسي جوڙي وڃي ۽ ان تي مڪمل عمل ڪيو وڃي. ذخيره اندوزي ۽ مهانگائي عروج تي آهي حڪومت صرف ان کي ختم ڪرڻ جون دعوائون ڪري رهي آهي رمضان ۾ دولت نه پر نيڪيون ڪمايو رمضان المبارڪ ۾ ملڪ جو هر دڪان سستي بازار جو نمونو بڻجي وڃي رمضان المبارڪ ۾ ٽيڪ عملن جو ثواب 70 ڀيرا وڌي ويندو آهي. انسانيت جي خدمت ڪري ئي انسان ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. رمضان المبارڪ ۾ روزاني ضرورت جي شين سميت ڪاڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر: سماجي تنظيم جو سربراهه ڊاڪٽر سعيد اعوان ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

نيب خوراڪ ڪاٽي سکر ۾ ڪڪڙ ڪرپشن وارو معاملو: سپليمينٽري ريفرنس آڻڻ لاءِ درخواست داخل

سکر (رپورٽر) نيب خوراڪ ڪاٽي سکر ۾ ڪڪڙ ڪرپشن وارو معاملو: نيب ب ب آڳاهه زبردست مهر ريفرنس ۾ آڳوڻي صوبائي وزير نثار کهڙو، آڳوڻي سيڪريٽري سجاد حسين عباسي ۽ آڳوڻي ڊائريڪٽر محمد بچل راهو پوتو کي سپليمينٽري ريفرنس ۾ شامل ڪرڻ لاءِ احتساب عدالت سکر ۾ درخواست داخل ڪرائي چڪي آهي خوراڪ ڪاٽي سکر ۾ ڪڪڙ ڪرپشن ريفرنس جي احتساب عدالت نمبر ٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سجاول لڳ بن استادن کان قرٽيڻ وارو مامرو: گهٽتا تعلقي پاران جوابدارن کي گرفتاري لاءِ احتجاج

هفتو اڳ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خضرآباد جي بن استادن درپن ڪمار ۽ آدي ڪمار کان قرٽي هئي

داد نه فرياد ٽيڻ خلاف گهٽتا تعلقي سجاول پاران آڳواڻ صدر محمود ڪٽي، شهزاد ميمڻ جي آڳواڻي ۾ ريلي

استادن کان قرٽيل سامان واپس ڪرائي سجاول ضلع جي امن امان کي بحال ڪيو وڃي: مظاهرين جون ڳالهيون

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) ڪجهه ڏينهن سجاول لڳ بن استادن کان قرٽيڻ وارو مامرو گهٽتا تعلقي سجاول پاران ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڳيان ڌرڻو هنيو ويو. هفتو اڳ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خضرآباد جي بن استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊي جي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر تو پاران واپارين، دڪاندارن ۽ ڪاروبار ڪندڙن کي هدايتون جاري

مقدس ۽ بابرڪت مهيني دوران عام ماڻهن کي مهنگائي جي عذاب کان بچائي سگهجي: اي ڊي سي ٽو

ضلعي انتظاميه پاران رمضان المبارڪ دوران ناجائز منافعي خوري ۽ ذخيره اندوزي جي اجازت نه ڏني ويندي

مسجدن ۽ امام بارگاهن جي سڪيورٽي، صفائي سترائي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي

ٽنڊو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ڪاشف علي قريشي ضلعي جي سمورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو: اي ڊي سي ٽو ڪاشف علي قريشي اجلاس ۾ شريڪ آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪيڊٽ ڪاليج پنوعاقل جي پرنسپل جا گرفتاري وارنٽ جاري

سکر (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران ڪيڊٽ ڪاليج پنوعاقل جي پرنسپل جا ضمانت ٽيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪندي ايس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ مها شوراتڑي جو ڏهاڙو ڏڏي ڏام ڏوم سان ملهايو ويو، زائرين شريڪ

ميلي جو افتتاح سائين رام داس صاحب ڪيو ۽ شولنگ تي ڪير ۽ ڦل ڦروٽ چاڙهيو

خوشي واري رات جو آسان سپ شنڪر پڳوان ۽ ماتا پاروتيءَ جي پوڄا ڪندا آهيون: منتظمين

نوشهرو فيروز (ڊ) نوشهرو فيروز ۾ مها شو راتڙي جو ڏهاڙو ڏڏي ڏام ڏوم سان ملهائيو ويو. جنهن ۾ پوري سنڌ مان آيل هندو ڀڳتن ڏڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. شو جي هن ميلي جو افتتاح سائين رام داس صاحب ڪيو ۽ شولنگ تي ڪير ۽ ڦل ڦروٽ چاڙهيو ۽ خصوصي پوڄا پاٺ ڪئي. ان موقعي تي سائين رام داس صاحب ٻڌايو ته مانگهه جي هن مهيني ۾ شو پاروتي ۽ جي شادي ٿي هئي انهيءَ خوشي واري رات جو اسان سپ ملي جلي ڪري شنڪر پڳوان ۽ ماتا پاروتيءَ جي پوڄا ڪندا آهيون جيڪو اسان لاءِ هڪ وڏو ڏڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪڙيو گهنور شهر ۾ ٻن ڪتابن جو ليک مائو عرف دلشاد چاوڙو بيماري ۾ مبتلا

ترقي پسند روشن خيال عوام دوست سياست جو ماهر مائو عرف دلشاد چاوڙو جي سهڻا نه ٿي

عبدالرسول سمون ناز منوامام علي شاهه شير مهيشوري ابو مهيشوري گهر پهچي عيادت ڪئي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪڙيو گهنور شهر ۾ رهندڙ ٻن ڪتابن جو ليکڪ ماضي ۾ ترقي پسند روشن خيال عوام دوست سياست جو هڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊي پوليس منشيات فروش خلاف ڪارروائين تيز ڪري ڇڏيون، هڪ منشيات فروش گرفتار

انسپيڪٽر شوڪت علي درس ڪارروائي ڪندي منشيات فروش محبوب ولد موسي کي گرفتار ڪيو

منشيات فروشن تي ٽنڊو مڪلي ۽ جهرڪ ٽائن تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن: ڳالهيون

ٽنڊو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٽنڊو پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائين تيز ڪري چڙيون، انهي سلسلي ۾ ايس ايس ايڇ او مڪلي انسپيڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهرين جي حفاظت پوليس پوليس جي اولين فرض ۾ شمار آهي: ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر حسين

ان ڳالهه کان انڪار نٿو آهي ته ڏوهه نه پيا ٿين پر ڏوڪان وڌ ڪوشش آهي ته آهي ڏوهن تي ڪنٽرول ڪريون

سجل ٽائي جي حد تمار وڏي آهي جنهن بن ٽائن ۾ تسيير ڪرڻ جي لاءِ سمري اماڻي چڏي آهي: ڳالهيون

ڪراچي (باغي ساگر پهنور) ڪراچي ڊي آءِ جي ايسٽ آظفر حسين مهيسر ۽ ايس ايس پي عرفان بهادر طرفان ڳڌيل تاڻي جي نئين تعمير جي ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر ۽ پيا افتتاح بعد دعا گهري رهيا آهن

نارو شاهو ۽ ڇيهو ڳوٺ ڏامڙو جي رهواسي احمد خان سومرو پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

قبضا مافيا اسماعيل، عبدالحميد، يعقوب، نوح، عبدالعزيز، عابد ۽ پيا قبضو ڪري ويڙل آهن: رهواسي

ڪورٽ مان به ڪيس جو فيصلو منهنجي حق ۾ آيو ۽ ان جي باوجود به منهنجي زمين تي قبضو ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز (ڊ) نارو شاهه ريجهر ڳوٺ ڏامڙو جي رهواسي احمد خان سومرو پريس ڪلب نوشهروفيروز آڳيان احتجاج ڪندي دانهينديڇيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڳهوٽڪي جي هاءِ اسڪول ڏڙي ۾ هيڊ ماسٽر جي ترين ڪارڪردگي جي باوجود اڃا تائين برقرار

گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏڙي خراب ترين ڪارڪردگي ۾ ڳهوٽڪي ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو آهي

ڪيترائي استاد هيڊ ماسٽر همير احمد چاڇڙ جي طرفان هٽ ٿيڻ جي موڪل تي هنتن جا هفتا گهر آهن

ميرپورماٿيلو (رپورٽر ظهير وسير) ضلعي ڳهوٽڪي جي گورنمنٽ هاءِ اسڪول ڏڙي ۾ "هيڊ ماسٽر" همير احمد چاڇڙ خراب ترين ڪارڪردگي جي باوجود اڃا تائين برقرار : گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏڙي خراب ترين ڪارڪردگي ۾ ضلع ڳهوٽڪي ۾ پهرين نمبر تي اچي ويو اسڪول ۾ ڪيترائي استاد هيڊ ماسٽر همير احمد چاڇڙ جي طرفان هٽ ٿيڻ جي موڪل تي هنتن جا هفتا گهر. جنهن ۾ سرفهرست مس صنم جتوئي 2023 کان هاڻ تائين گهر. ڪنهن ۽ تعليمي عملدار ايڪشن نه ورتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊي ۾ نجي اسڪول ۾ ڪانسيپٽ اسڪول طرفان راندين جو هفتو ملهايو پيو وڃي، شرڪت ڪريو

راندين جو افتتاح اسپورٽس ڪمپليڪس ٽنڊو ۾ مشعل هاري ڪيو ويو، ساڃاهوند شريڪ ٿيا

راندين تمار ضروري آهن ۽ صحت مند معاشري لاءِ راندين اهم ڪردار ادا ڪندين آهن: آڳواڻ

ٽنڊو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٽنڊي ۾ نجي اسڪول ڊي ڪانسيپٽ اسڪول مڪلي طرفان راندين جو هفتو ملهايو پيو وڃي راندين جو افتتاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو: سماجي اسڪول ۾ ڪوئيل تقريب ۾ شاگرد شريڪ آهن

ٽنڊو محمد خان جي بجرخان ٽالپر ڳوٺ مان گم ٿيل عورت جي وارثن جو احتجاج

عورت مسمات غفرانڙ زال محمد شريف خاصخيلي جي پراسرار طور گمشدگي خلاف احتجاج

5 سال اڳ گم ٿي ويل نوجوان ڏي ۽ ڪي بازياب ڪرائي مون پيرسن عورت سان انصاف ڪيو وڃي: ورثاء

ٽنڊو محمد خان (ابراهيم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي بجرخان ٽالپر ڳوٺ سان 5 سال اڳ پراسرار طور گم ٿيل شادي شده عورت غفرانڙ جي بازيابي لاءِ سنڌس پيرسن امڙ جو احتجاج . ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ بجرخان ٽالپر مان 5 سال اڳ پراسرار طور گم ٿي ويل شادي شده 36 سالا عورت مسمات غفرانڙ زال محمد شريف خاصخيلي جي پراسرار طور گم ٿي وڃڻ باوجود بازياب نه ٿيڻ تي سنڌس پيرسن امڙ مسمات جنت بي بي زال بصر خاصخيلي تنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڄاڻايو ته منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ميرپورماٿيلو ۾ ڳوٺ غلام حسين لغاري جا 2 رهواسين کي اغوا ڪرڻ جي تصديق

ٻنهي ڌڻن جي اغوا جي تصديق ڪري ڇڏي، وارثن کان 60 لک روپيا پنگ طلب ڪئي وئي

گم پورهيتن اقبال موچي ۽ اختر موچي جي وارثن پاران ٻنهي ڌڻن جي اغوا جي تصديق ڪري ڇڏي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ڳوٺ غلام حسين لغاري جي رهواسين گم پورهيتن جي وارثن پاران ٻنهي ڌڻن جي اغوا جي تصديق ڪري ڇڏي، وارثن کان 60 لک روپيا پنگ طلب، پنگ نه ڏيڻ جي صورت ۾ ٻنهي مغوين کي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي، وارثن ۾ ڏاڍ پکڙجي ويو، ٻنهي پورهيتن جي گهرن ۾ روڄ راڙو مچل. تفصيل موجب ڳوٺ غلام حسين لغاري جي رهواسين گم پورهيتن اقبال موچي ۽ اختر موچي جي وارثن پاران ٻنهي ڌڻن جي اغوا جي تصديق ڪري ڇڏي، ان حوالي سان ٻنهي ڌڻن جي وارثن ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

وفاقي محتسب ريجنل هيڊ پاران پاسپورٽ آفيس شڪارپور جو اچانڪ دورو، مسئلن جو جائزو

ريجنل هيڊ وفاقي محتسب سڪرسيد محمود علي شاهه پاسپورٽ آفيس جو اچانڪ دورو ڪيو

سيد محمود علي شاهه آفيس جي انچارج ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪامران علي سان ملاقات ڪئي

سکر (رپورٽ/امداد علي گل ڪلوڑ) وفاقي محتسب ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهه پاسپورٽ آفيس شڪارپور جو اوچتو دورو. پاسپورٽ آفيس شڪارپور ۾ ريجنل هيڊ وفاقي محتسب سڪرسيد محمود علي شاهه پاسپورٽ حاصل ڪرڻ دوران درپيش مشڪلاتن جو جائزو ورتو. دوري جو مقصد درخواست ڏيندڙن کي درپيش مشڪلاتن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ خدمتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ هو. دوري دوران سيد محمود علي شاهه آفيس جي انچارج ڊپٽي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪامران علي سان ملاقات ڪئي ۽ درخواستگذارن جي شڪايتن تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي. هن وڏيڪ سوٽر ۽ صارف دوست ماحول جي ضرورت تي زور ڏنو. ريجنل هيڊ آفيس انتظاميا کي صلاح ڏني ته ٽريفيڪار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شڪارپور: وفاقي محتسب ريجنل هيڊ پاسپورٽ آفيس جو دورو ڪري رهيو آهي

دادو جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ پيش اينڊ مسئلن جي حل لاءِ ڪلي ڪچهري منعقد

ملازمن ۽ مختلف ڪاتن سان تعلق رکندڙ پيشنرز ۽ شهرين مسئلن جي حل خاطر وڏي انگ ۾ پهتا

رٽائرڊ ملازمن سميت سرڪاري ملازمن تورڙي عام ماڻهن جا ڪافي مسئلا پيش ڪيا آهن: نادر علي جمالي

الطاف حسين منگي هلندڙ ڪلي ڪچهري ۾ آيل 4 سرڪاري ملازمن ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا فوري طور حل ڪيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ پيش اينڊ مسئلن جي حل لاءِ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس دادو ۾ هڪ روزه ڪلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مختلف ڪاتن ۾ ڊيوٽيون سر انجام ڏيندڙ ملازمن ۽ مختلف ڪاتن سان تعلق رکندڙ پيشنر ۽ شهرين پنهنجي مسئلن جي حل خاطر وڏي انگ ۾ پهتا. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي دادو نادر علي جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوام جا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪلي ڪچهري ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ رٽائرڊ ملازمن سميت سرڪاري ملازمن تورڙي عام ماڻهن جا ڪافي مسئلا پيش ڪيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو: ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعلي شهرين جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

ڏرو لڳ ٻيلو روڊ تي هٿياربندن هٿان 3 ڳوٺاڻا 4 ڪلاڪن تائين يرغمال، ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

ٻيلو روڊ تي لوٽيا سمر نالي وٽ 9 نامعلوم هٿياربندن سوزوڪي ۾ سوار ڳوٺاڻن کي يرغمال بڻائي ورتو

مصطفي پينيرو، نياز پينيرو ۽ شڪور پينيرو کي 4 ڪلاڪن تائين يرغمال بڻائڻ بعد پاڙ سان گڏ وڌي ويا

عوام عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويو آهي، قرڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

ڏرو (ن سنڌ يار) ڏرو لڳ ٻيلو روڊ تي هٿياربندن هٿان 3 ڳوٺاڻا 4 ڪلاڪن تائين يرغمال / واقعي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو. سوزوڪي پڪ اپ، موبائل فون ۽ روڪ رقم قر. جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو. تفصيل مرجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڳهوٽڪي ويجهو ڳوٺ ڪوهارو جي رهواسي عورت پاران پنهنجي ڏيرن خلاف احتجاجي مظاهرو

عبدالشڪور دايو، الياس دايو، اميربخش دايو منهنجي مڙس کي بنا جواز گرفتار ڪرايو آهي: عورت

ڪمند ڪٽائي ڪٽي ويا آهن ۽ هاڻي مون کي ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن، جيڪا مونسان ناانصافي آهي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: ڳهوٽڪي ويجهو ڳوٺ ڪوهارو جي رهواسي عورت پاران پنهنجي ڏيرن خلاف ايس ايس پي آفيس آڳيان احتجاج. منهنجا ڏير عبدالشڪور دايو، الياس دايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميرپورماٿيلو: ڳوٺ ڪوهارو واسي عورتون انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

دسترڪ ڪائونسل شڪارپور جو اجلاس، ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال تي ڳالهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) دسترڪ ڪائونسل شڪارپور جو اجلاس الحاج غوث بخش خان مهر دسترڪ ڪائونسل هال ۾ ٿي گذريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جسقم گهوٽڪي طرفان قبيلائي تڪرارن ساوند سندرائي گهوٽا پيري تڪرارن جي خاتمي لاءِ احتجاج

اغوا ٽيل نوجوان رتڪ ڪمار ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ قادر پور کان گهوٽڪي تائين پيادل امن مارچ ڪيو ويندو

پيادل مارچ ڪري گهوٽڪي پريس ڪلب پهتا. پيادل مارچ جو شهرين وڪ وڪ تي گلن جا هار پرائي آڇيان

فقير رمضان ڪلوڑ ميرحسن لاشاري، رواداري تحريڪ سنڌ جي صدر پنهل ساريو، قومي راڄي وقار ملاح شريڪ ٿيا

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) جسقم گهوٽڪي طرفان قبيلائي تڪرارن ساوند سندرائي گهوٽا پيري قبيلائي تڪرارن جي خاتمي بدامني لاقانونيت اغوا ڪاري نوجوان رتڪ ڪمار ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ قادر پور کان گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

درياءِ سنڌ جي پيٽ ۾ بندرواڻ تي ٺهيل پبلڪ پوائنٽس تي بااثر قبضا گيرن پاران هوٽل قائم

پبلڪ پوائنٽ تي بااثر قبضا گيرن قبضو ڪري سنڌ مهراڻ ڪيفي جي نالي سان هوٽل ڪولي چڏيو

هڪ بئي پبلڪ پوائنٽ تي به قبضا مافيا پاران ڪيترن ئي سالن کان قبضو ڪري هوٽل ٺاهيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) درياءِ سنڌ جي پيٽ ۾ بندر واڻ سکر تي ٺهيل پبلڪ پوائنٽس تي بااثر قبضا گيرماڻهن قبضا ڪري هوٽل ڪولي چڏيا انتظاميه خاموش سکر جو عوام تفريحي سهولتن کان محروم ٿي ويو تفصيل موجب سکر جي بندر روڊ تي مدرسه منزل گاهه سامهون هندن جي مندر ساڏو ٻيلا وٽ سنڌو درياءَ جي پيٽ ۾ بندر واڻ تي سنڌ حڪومت پاران عوام جي تفريح لاءِ ٺاهيل خوبصورت پبلڪ پوائنٽ تي بااثر قبضا گيرن قبضو ڪري سنڌ مهراڻ ڪيفي جي نالي سان هوٽل ڪولي چڏيو آهي جڏهن ته بئي طرف بندر روڊ دعا چوڪ سامهون به درياءَ اندر بندر واڻ تي قائم هڪ بئي پبلڪ پوائنٽ تي به قبضا مافيا پاران ڪيترن ئي سالن کان قبضو ڪري هوٽل ٺاهيو آهي جنهن بار بي ڪير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر: سنڌو درياجي پيٽ ۾ قبضاماڻيا ڪيل قبضن جو ڊيڪ

ميرپورماٿيلو ۾ رتيڪ ڪمار سميت اغوا ٽيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن توڙي شهرين پاران چوٽين ڏينهن به ميرپورماٿيلو ۾ مظاهرو ڪيو

مغوين جي بازيابي لاءِ چتي نعريبازي، حڪمرانن گهوٽڪي کي اغوا جو اڈو ٻڌائي چڏيو آهي: مظاهرين

محمد عمار دايو، الهڏنو سميجو، وڪيل عبدالمجيد جلباڻي، مڪي انيل ڪمار، ڊاڪٽر شيو ڪمار ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو: هندو نوجوان رتڪ ڪمار سميت اغوا ٽيل مغوين جي بازيابي ۽ ضلعي گهوٽڪي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن توڙي شهرين پاران چوٽين ڏينهن به ميرپورماٿيلو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

جهڏو ۾ پيار جو پرٻو ڪندڙ پريمي جوڙي جو احتجاجي مظاهرو، تحفظ جو مطالبو

بدين جي علاقي حيات خاصخيلي واسي نوجوان ممتاز علي پٺ غلام قادر مظاهرو ڪيو

آڻون پنهنجي ڳهران نڪري نوجوان ممتاز علي سان پيار جو پرٻو ڪيو آهي: مسمات گلشن

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ پريمي جوڙي جو احتجاج، تحفظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

جهڏو: پسند جو پرٻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشرز سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڌلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

جمع 08 مارچ 2024ع

رهي آجـجـي راتـڙي، تـن وادوڙيـن وَڻـاءَ:
جن کي سورُ سريرَ ۾، گهٽَ مَنجهاران گهاءَ:
لِـکائي لـوکاءَ، پـاڻـهـين ٻَڌنِ پَـتِـيُـون.

ٹهکن ۾ ٹاندا قصو مرچُو موالي ءَ جو!

ڈاکٽر عزيز ٽالپر

طوطن کي راند ڪندي پير ۾ ڪنڊو لڳي ويو اهو ڪنڊو اڌڙي هٿ لڳو جتان انهيءَ کي سس ڪٽي وڌي. ڳوٺ جي ماڻهن گهٽا زور لڳايا پر ڪنڊو انهن کان نه ڪڍ نه نڪتو. نيٺ مٽي موالي ڏس ڏنو نه ڪلهاڙن ۾ هڪڙي مائي آهي، جيڪا ڪنڊو ڪڍڻ جي ماهر آهي. آڻين حيران ٿي ويس نه مايون ڪنڊا هٿڻ جون ماهر آهن. هي مائي وري ڪنڊا ڪڍڻ جي ماهر آهي! خير طوطن کي وٺي جنڪجهي تي وڃڻي ڪلهاڙن ۾ وڃي مائيءَ وٽ پهتاسين. ابا مائي ديرئي ڪاڻ ڪئي. پنجن منٽن ۾ ڪنڊو ڪڍي ڏنائين ۽ منائيءِ جا ٻه فقط سؤ روپيا ورتائين. ان جاءِ تي ڪو سرجن ڈاکٽر هجي ها نه ڏهه پندرهن هزار جو بل ناهي ڏنئي ها. خير سان واپس ورياسين. گس تي وڃڻين جو ڏڪ ڏنائين. مون کي وڃڻين ڏاڍيون وڻيون. دل ۾ جيئر ڪاش مون وٽ ٻه اڍري ڪا وڃڻي هجي ها. جوڻاڻ آهن نه قسمت سوڙهي. خيال وڏا. گهر ۾ آني، وٽي ۽ لٽي لاءِ پريشان ۽ شوق وري وڃڻيءَ جو. ڳوٺ ۾ اسان جو هڪ مائٽ هو طبب توائي. انهيءَ وٽ هڪڙي وڃڻي هئي. جيڪا اسي هزار اوڏر تي مون ورتي. وڃڻي ڪاوڙ ۾ هئي. ڪنهن کي ويجهو اچڻ ئي نه ڏي. گاهه ٻه پري کان اچلائي ڏيندا هئاسون. آڻين حيران ٿي ويس نه هن وڃڻيءَ جي طبيعت طوطن ماڻ کان نه زور آهي ڇو نه هن هزارين خون ڪيا. سرين گهراڄاڙيا. آخر ۾ پوليس مقابلي ۾ هتي مارجي ويو. سندس وارث ڪير به ڪو نه هو. سوهڻي ٿي منهنجي سيني ۽ دفن ڪري ڇڏياسون ۽ آڻين قيامت تائين پٺي لوڙيندو. وري انهيءَ محمد قاسر موالي ءَ جو پٽ مرڇو موالي جوان ٿيو نه ان جا لڇن ٻه ساڄيا پٽس وارا. چورين. ڏاڙا. نشا. پتا. نڳيون. ڪوڙ وغيره وغيره. ڳوٺ وارا ان مان بيزار ٿي ويا. اوچتو ڳوٺ ۾ هڪ ٽيڪ پرهيزگار بزرگ آيو. مرچو موالي کي ستاڙ لاءِ ڳوٺ وارن کيس ٻڌي وڃي بزرگ جي حوالي ڪيو. بزرگ کيس تعليم ۽ درس ڏني سڏاري نماز جو پابند ڪيو ۽ ٻيون ڪيئن عبادتون سيکاريائين مرچو جام عبادتون ڪري صفا ٽيڪ ٻانهو ٿي ويو ۽ بدلي ۾ جيئرو ولي بڻجي ويو. جيڪو آسمان تي ٻ پيرا ڏاڙهندو هو هڪ همراهه ٻني، ٽي عبادت ٻڌي ڪڍي نه مڻان جيئرو ولي مرچو ڏاڙهندو ٻڌي آيو نه همراهه يڪدم عبادت ڇڏي مصلو. جتي ۽ تسبيح ڪچ ۾ لڪائي ڇڏي. ٻين ماڻهن جيس نه جو ٿو وڃن؟ اهو نه زندهه ولي آهي. جيائين پلي زندهه ولي هجي پر آهي نه مرچو موالي. هيٺ اڄي مون کان سامان ڦري وڃي ها. آخر نه محمد قاسر موالي جو پٽ آهي!

ان ڳالهه واندڪائي جيڪي 'بادشاهه' آيا آهن. عالي‌شان تقريرون ۽ اعلان پيا ڪن. ڇڻ چند هفتن ۾ پاڪستان کي پيرس بڻائي ڇڏيندا. جڏهن نه اڳي به ڏي چار دفعا بادشاهين ڪري ويا آهن ۽ پاڪستان کي ۽ ان جي عوام کي موڙ بڏائي ويا آهن پاڻ ڪرب پتي ٿي ويا آهن ۽ عوام آني لاءِ پريشان آهي. منهنجي صلاح آهي نه پنهنجا مصلا جتيون ۽ تسبيحون ڪڇ ۾ لڪائي رکو. اهي همراهه به مرچو موالي ۽ وانگر جيئرا ڏاڙهندو ولي آهن. شاهه سائين شايد انهن لاءِ ئي فرمايو آهي:

منهن ۾ موسيٰ ڄهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث ڪيئي ڪونه چڙيين!

عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان

عمر بند رکبيون نہ، نياٽيون سياٽيون

تحرير: رضوانہ اميد پٽي

اڄ مارچ، انساني سماج جي خوبصورتي لاءِ، عورت جي ڪومل خوبين کي ياد ڪرڻ جو ڏينهن آهي. برصغير واري پراڻي دور جي ماڻا سيتا جهڙي ناريين جي قرباني کان ڪير اڻجاڻ آهي. سائنسي دور ۾ ڪلپنا چاولا جهڙي بهادر سائنسدان، جنهن پنهنجي حياتي جي پرواهه ڪونه ڪئي هئي، جنهن جي بهادري هر ڏينهن نوان جذبا پيدا ڪندي.

اڄ عورتن جي عالمي ڏينهن تي اسانکي 8 مارچ 1857 جو ڏينهن ياد اچي ٿو جڏهن نيويارڪ شهر ۾ ڪپڙي جي ملن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن پاران ڏڪڻهنيوويں هو عورتون پگهار ۾ اضافو ۽ مردن جي غير انساني سلوڪ جي خلاف مظاهرو ڪري رهيون هيون. هن ڏڪڻي تي پوليس پاران لاٺي چارج ڪئي وئي. هن جاکوڙ ۾ هڪ جٹڪ پڙڪي. عورت جو مقام نه اصل کان عبد تائين بلند رهيو آهي، اها جنت ۾ عورتن جي سردار بيبي فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنہ، هندو عورت مدر ٽريسا هجي، مسيح عورت هيلن ڪيلر هجي، اها يهودي عورت ارينا سينڈلر هجي، يا سياسي ميدان ۾ پاڻ مڃرائي هميشہ لاءِ امر ٿي ويندڙ بينظير پٽو هجي. عورتن هميشہ هر ڏڪ ۽ سڪ ۾ مردن جو ساٿ ڏنو آهي، پر موٽ ۾ سندن ڏڪ، طعنا، ڏلتون، رسوايون، جبر ۽ اٿيرايري ئي ملي آهي.

اسلامي قانون جي مطابق شادي هڪ معاهدو آهي، نڪاح جو لفظي مطلب آهي، اهو معاهدو جيڪو بن بالغ ماڻهن جي وچ ۾ ٿيندو آهي. قديم زماني ۾ ٽ شادي جي لاءِ معاهدي جي ضرورت ئي نہ هوندي هئي، پر اسلام مسلمانن کي شادي جي سلسلي ۾ باقاعده يعني نڪاح ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهڙيءَ ريت بين مذهبن ۾ اهڙي خوبصورت رشتي کي قانوني ڪرڻ لاءِ پنهنجي مذهب جي حوالي سان ڪجهہ رسمون ۽ معاهدا رکيا آهن. اڄڪلهہ، جي دور ۾ ٽ نياڻين جي بالغ ٿيڻ کان اڳ، انهن جي ننڍپڻ ۾ ئي شادي ڪرائڻ هڪ عام ڳالهہ ٿي وئي آهي.

تحقيق جي مطابق پاڪستان ۾ ننڍي عمر ۾ شادي ٿيل چوڪرين جو ڏهين ڏينهن وڏي رهيو آهي، ۽ اهوهڪ اڻ ختم ٿيندڙ سلسلو بڻجي ويو آهي. جيڪو سراسر اسلام جي حڪم ۽ آئين جي خلاف آهي.

ننڍي عمر ۾ شادي ٿيڻ هڪ چوڪري ۽ خاندان جو نہ پر هڪ معاشري جو به مسئلو آهي. يونيسيف جي رپورٽ مطابق 1987ع کان 2005ع تائين پاڪستان ۾ 322 سيڪڙو چوڪرين ڪي نابالغ عمر ۾ پرڻايو ويو 202ع جي تحقيق مطابق سنڌ ۾ 72 سيڪڙو چوڪرين جون ننڍي عمر ۾ شادين ڪرايون ويون آهن ۽ آئين جي سرعام لتارُ ڪئي پٽي وڃي. سنڌ ۾ 8 کان 15 سال جي عمر ۾ چوڪرين جي شادي ٿي وڃي ٿي. گهٽوڪري ڳوٺن ۾ (وٽاسڌا يا بدي جي شادي) واري عمل جي ڪري هي مسئلو وڌندو پيو وڃي، ته ٻئي طرف والدين غربت ۽ لاچاري سبب پنهنجي باريڙين جي سني پروڙ نہ ٿا ڪري سگهن، جنهن ڪري اهي نياڻين جي ننڍي عمر ۾ ٿي وڃڻ جو خطرو ٽاري ڇڏين.

سنڌ جو ڪو اهڙو هنڌ ٻچيل نہ هوندو جتي عورتن تي تشدد يا انصافي ٿيندي هجي، ڪيترين ئي عورتن ڪي ته بي رحم ماڻهن تيزاب اڇلايو جن جا ڪيترائي ڪيس سنڌ ۾ رپورٽ ٿي چڪا آهن پر افسوس جو عورتن جي ڇهرن تي تيزاب اڇلائيندڙن ڪي ڪا سزا ناهي ملي سگهي. جيڪڏهن اهڙن بي رحم ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ٿئي ها ته ماروي جي ديس ۾ اهڙا واقعا پيش نہ اچن ها ۽ نہ ئي ڪنهن ماڻهو ڪي اها همت ٿئي ها ته اهو ڪنهن عورت جي چهري تي تيزاب اڇلائي ها. ماروي جي ديس ۾ ته ڪيترين اهڙيون ناريون آهن ، جن جون اکيون بعد مذهب مٽرائي شادين ڪرايون ويون آهن ۽ عدالتن به انهن خلاف ڪو به قدم ناهي کنيو. رينڪل ڪماري کان ويندي هزارين ناريون سنڌ ۾ اغوا ٿي ڇڪيون آهن، جن کي هن وقت تائين انصاف نہ ملي سگهيو آهي. جن جا و ارث هن وقت تائين سراپا احتجاج آهن. ڪيترائي اهڙا ڳوٺ به آهن جن ۾ بالڙوڙين نياڻين جي تعليم تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي ۽ اسڪول بند ڪري پنهنجيون اوطاقون بڻائي ڇڏيو ن آهن، جنهن سبب سنڌ ۾ نياڻين جي تعليم داڻ تي لڳل آهي.

عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ تنظيمون يا گهٽ آهن يا وري جيڪي آهن اهي ڪاروڪاري جهڙي ڪڌي رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ به ڪوششون نہ ڪري رهيون آهن. هڪڙي ڏينهن جي اخبار جي ٽاپ اسٽوري تي نظر وجهندا سين ته انسان کي نہ ڄاڻ ڪيترين ئي اهڙيون خبرون ملنديون، جيڪي صرف عورتن تي تشدد ۽ انهن ڪي بيگناهہ اغوا ڪرڻ بعد انهن کي قتل ڪرڻ جون خبرون هونديون. انهن خبرن تي نظر وجهڻ کانپوءِ توهان پاڻ بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا ته عورتن سان ڪيڏو ظلم ڪيو پيو وڃي؟ اسين هڪ اهڙي معاشري ۾ رهون ٿا جتي عورتن کي ٿوري به آزادي حوصلا حاصل نہ آهي، اهي سڀائين عذاب ۽ عتاب سهندي زندگي گذارين ٿيون. شادي کان اڳ عورت پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر ۾ انهن درڪن، ڀائن، تشدد ۽ ڏاڍ هيٺ رهي ٿي، جڏهن ته شادي بعد پنهنجي مڙس جي گهر پهچڻ بعد به ساڳيو سلسلو مڙس طرفان برقرار رهي ٿو. اهڙي معاشري ۾ آخر "عورت ڪنهن در ڈانهن ڈي؟"

ڈاڪٽر جوڪي نہ اسلام ۾ عورت کي مرد جي برابري حيثيتو حق حاصل آهي. عورت جو رتبو ايترو نہ اهميت وارو آهي جو ان نگاهہ سان عورت کي ڈاڪٽر جي نہ تخليق ڪار سمجهيو ويندو هو درويدي جي روپ ۾ هن پنجن پانڊون جي غلامي ڪئي ۽ ڪيس جوئا ۾ هاريو ويو. هن مهل اسانکي گورو نانڪ پاران عورت جي آڌر ۽ تقاضا جي بحالي لاءِ ڪيل انقلابي اعلان ياد اچي ٿو.

يو ايس ايڊ ۽ عورت فائونڈيشن جهڙين تنظيمن جي سهڪار سان عورتن جي حقن لاءِ پاڻ ڀتوڙيو نہ وڄي پيو پر انهن تنظيمن کي به هتان جو مرد معاشرو تسليم ڪرڻ کان انڪاري ٿئي پيو ايتري حد تائين جو انهن جي سرگرمين کي ناڪام ڪرڻ لاءِ مختلف وقتن ۾ سازشون به ستيون ويون.

منهنجي پنهنجي ذاتي خيال ۾ نابالغ عمر ۾ شادي ڪرائڻ هڪ ڏوهہ آهي ۽ هڪ سماجي مسئلو پڻ آهي، ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آبادي به ڪنهن حد تائين ان وڌندڙ مسئلي جي ڪري آهي. انسان کي گهرجي نہ ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي رواج جي پابندي کان آزاد ٿي وڃون ۽ اسلام جي ٻڌايل رستي تي عمل ڪيون ۽ وڌ لان وڌ تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل جي فڪر ڪيون. بالغ عمر ۾ نياڻين جي شادي ڪرائي وڃي ۽ انهن کي باشعور بڻايو وڃي، ته جيئن اينڊرسن ٽسل جون نياڻيون سني ماءُ سان گڏوگڏ هڪ بهترين ليڊر جي طور پنهنجو حق حاصل ڪري سگهن.

جيوڻي ٿو ته هڪ مرد پڙهيو نہ هڪ فرد پڙهيو پر جي هڪ عورت پڙهي نہ سجو گهر پڙهيو. شاهہ جي سورمين ۾ هن ظالم سماج جي ابوجهہ عورتن سان آخر انصاف چو نہ ٿو ڪيو وڃي. اها اميد ۽ ڪري سگهجي ٿي يا نہ. نيٺ نہ هڪ صبح ضرور ايندو جو پاڪستان جي ماڻهن ۾ روشن خيالي جاڳندي ۽ اهي عورتن کي حق ڏينڌا.

پاڪستان ۾ اهڙا ڪي ٿي عالمي ڏاهاڙا ملهايا ويا پر انهن ۾ ڪيل انقلابي نام عمل ڪنهن تي به نہ ٿو ٿئي. رڳو ٽهوار ملهائڻ سان ڪجهہ ڪونہ ٿيندو آهي. عورتن جا حق ماضي ۾ به ماريا ويا ته حال ۾ به عورتن جا حق ڪسيا پيا وڃن. پاڪستان ۾ ان ڏينهن جي ملهاڻ سان اسان جي عورتن جي عملي زندگيءَ ۾ ڪا بهتري آئي آهي يا نہ.....؟؟؟؟ان جو جواب اڄا مونکي نہ ملي سگهيو آهي.

***

گهٽتائي، ٻڪهارن ۾ اضافي، ووٽ ڏيڻ جو حق ۽ معصوم ٻارڙن جي مزدوري تي پابندي، هوريان هوريان اها لهر سڄي دنيا تائين پهچي وئي ۽ 8 مارچ 1910 کان اهو ڏينهن عورتن جو عالمي ڏينهن جي طور تي ملهايو وڃي ٿو. اسين عورت جي شعوري حالت کي طاقتور ناهڻ لاءِ تيار رهندا آهيون. اسانجي وراثت ۽ ڪلچر سان منسلڪ ٽيندا آهيون. اسانجي خوبين خامين جي جاچ ڪندا آهيون ۽ ياد ڪندا آهيون نہ عورت ڪيڏن پراڻي دور ۾ پنهنجي حقن کان محروم هئي، پير جي جُتي، بيوقوف، بيوفا، بي حر چيو ويندو هو عورت کي آزادي جي رستي ۾ پابندي سمجهيو ويندو هو درويدي جي روپ ۾ هن پنجن پانڊون جي غلامي ڪئي ۽ ڪيس جوئا ۾ هاريو ويو. هن مهل اسانکي گورو نانڪ پاران عورت جي آڌر ۽ تقاضا جي بحالي لاءِ ڪيل انقلابي اعلان ياد اچي ٿو.

يو ايس ايڊ ۽ عورت فائونڈيشن جهڙين تنظيمن جي سهڪار سان عورتن جي حقن لاءِ پاڻ ڀتوڙيو نہ وڄي پيو پر انهن تنظيمن کي به هتان جو مرد معاشرو تسليم ڪرڻ کان انڪاري ٿئي پيو ايتري حد تائين جو انهن جي سرگرمين کي ناڪام ڪرڻ لاءِ مختلف وقتن ۾ سازشون به ستيون ويون.

منهنجي پنهنجي ذاتي خيال ۾ نابالغ عمر ۾ شادي ڪرائڻ هڪ ڏوهہ آهي ۽ هڪ سماجي مسئلو پڻ آهي، ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آبادي به ڪنهن حد تائين ان وڌندڙ مسئلي جي ڪري آهي. انسان کي گهرجي نہ ننڍي عمر ۾ شادي ڪرائڻ جي رواج جي پابندي کان آزاد ٿي وجون ۽ اسلام جي ٻڌايل رستي تي عمل ڪيون ۽ وڌ لان وڌ تعليم حاصل ڪري پنهنجي مستقبل جي فڪر ڪيون. بالغ عمر ۾ نياڻين جي شادي ڪرائي وڃي ۽ انهن کي باشعور بڻايو وڃي، ته جيئن اينڊرسن ٽسل جون نياڻيون سني ماءُ سان گڏوگڏ هڪ بهترين ليڊر جي طور پنهنجو حق حاصل ڪري سگهن.

جيوڻي ٿو ته هڪ مرد پڙهيو نہ هڪ فرد پڙهيو پر جي هڪ عورت پڙهي نہ سجو گهر پڙهيو. شاهہ جي سورمين ۾ هن ظالم سماج جي ابوجهہ عورتن سان آخر انصاف چو نہ ٿو ڪيو وڃي. اها اميد ۽ ڪري سگهجي ٿي يا نہ. نيٺ نہ هڪ صبح ضرور ايندو جو پاڪستان جي ماڻهن ۾ روشن خيالي جاڳندي ۽ اهي عورتن کي حق ڏينڌا.

پاڪستان ۾ اهڙا ڪي ٿي عالمي ڏاهاڙا ملهايا ويا پر انهن ۾

بقايا سنڌيار 01

چيو ته ضلعي ميمبرن کي پنهنجون ترقياتي اسڪيمون پيش ڪرڻ جي گذارش ڪئي وئي هئي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون اسڪيمون ڏنيو وڃن جن مان ماڻهن کي وڌ مان وڌ فائدو ملي سگهي. هن چيو ته اسان کي ماڻهو ضلعي جي عوام لاءِ چونڊيو آهي ان ڪري سڀني ميمبرن کي پنهنجن پنهنجن علاقن جي نمائندگي ڪندي علاقي جي پلاني لاءِ اسڪيمون ڏيڻ گهرجن. هن چيو ته ضلعي ڪائونسل جا ميمبر پنهنجي يونين ڪائونسل جي غريب گهرانن جون گوراهو جي ميمبر الله رکيو سولنگي چيو ته گڏريل ٻوڏ دوران سنڌو درياءَ حفاظتي بند کي پائي رهيو هو جيڪڏهن ان کي مضبوط نه ڪيو ويو ته ضلعي جي ڪافي آبادي کي نقصان جو انديشو آهي. ان کان سواءِ ڪوڙي جي پاڻن تي هاءِ اسڪول ۽ صحت جون سهولتن جي ڪوٽ آهي. ضلعي ڪائونسل جي ميمبرن ضلعي اندر امن و امان جي خراب صورتحال بابت رٽ پيش ڪئي جيڪا ايوان پاران متفق منظور ڪئي وئي. جڏهن ته ڪجه ميمبرن پاران ضلعي ۾ ترقياتي اسڪيمن جي ڪوٽ بابت شڪايت ڪئي.

بقايا سنڌيار 02

ته هن مقدس مهيني جو احترام ڪندي روز مڙهه جي شين جا اڳ ڇهٽ ڪيا وڃن،جنهن ۾ ٽائون ڪميٽي گهاروجي چيئرمين جام احسان جوڪيو خصوصي شرڪت ڪئي، ان موقعي تي واهارين شهرين وڏي آنگ شرڪت ڪئي، گهاروٽائون ڪميٽي جي چيئرمين جام احسان جوڪيو چيو ته ٽائون انتظاميا گهارو علماءِ ايڪشن ڪميٽي سان سهڪار ڪندي هر ممڪن مدد ڪندي.

بقايا سنڌيار 03

جا ٽينڊر ڪيا ويا هئا پر انهن روڊن جي تعمير ۾ استيميٽ موجب نه ڪم ڪيو ويو نه ئي مٽيريل استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ جڏهن به بارشون ٿين ٿيون انهن روڊن جي پنهنجي پاسن کان وڌا ڪڌا ٽي وڃن ٿا پروونشنل هائي ويز بدين جي ذريعن موجب ته پروونشنل هائي ويز بدين طرفان 3.7.2023 ۾ انصاري شوگر مل کان سنجر چانگ تائين 29 ڪلو ميٽر 91 ڪروڙ 30 لک ٽنڈو باگو کان ڏگڙي واي ڊيي روڊ 53 ڪلو ميٽر جي مرمت ۽ 33 ڪلو ميٽر روڊ جي مڪمل تعمير 2 ارب 32 ڪروڙ 60 لک ۽ ٽلهار ٽنڈو باگو تائين 20 ڪلو ميٽر روڊ جي تعمير 83 ڪروڙ چاليه لک روپين ۽ چوٽون مزاري آئل فيلڊ کان ايوب هوٽل تائين روڊ جي تعمير جو ڪم 23 ڪروڙ ڏهه لک روپين جي ڪمن جا ٽينڊر ڪيا ويا ڏريعن کان ملندڙ جاڻ موجب ته ڏهن ڪمن جا ٽيڪا ڏيڻ تي ڪاتي جي هڪ اعلي پوسٽ تي ويڊل آفيسر جي نالي ٽيڪيدارن کان 10 سيڪڙو ڪميشن ورتي ورتي وڃي ۽ هڪ سياسي شخصيت جي نالي تي ٽيڪيدار ڪمپنين کان ڏهه سيڪڙو ڪميش وٺي ٽيڪيدارن کي ورڪ آرڊر ڏنا ويا ڏريعي موجب ته هنن چٿني ڪمن ۾ پروونشنل هائي ويز ڪاتي بدين هڪ چوڏهين اسڪيل جو ملازم پائيوار آهي جنهن پروونشنل هائي ويز بدين ۾ نوڪرين تي بندش دوران پنهنجي پاءُ ڪي ڪلرڪ ۽ ٻئي پاءُ ڪي جعلي ڊگري تي ڊرافٽس مين پرتي ڪرايو آهي جيڪي بدين جي آفيس جو سموري نظام هلائيندا آهن ۽ اهو ڪلرڪ ايترو با اثر آهي جو پروونشنل هائي ويز ۾ پنهنجي مرضي جا انجنيئر رکرائيندو آهي ڏريعي ٻڌايو ته متين ٽينڊر ڪان هڪ مهينو پهرين هن طاقتور ڪلرڪ بدين ۾ مقرر انجنيئر جي ڪمرڪوٽ بدلي ڪرايي ڇڏيو ۽ ان جي جاءَ تي هڪ رٽائر منٽ جي ويجهو انجنيئر جي پوسٹنگ ڪرايي جنهن ڪان هن روڊن جي تعمير جا ٽينڊر ڪرايا ۽ روڊن جي تعمير ۾ استيمنٽ جي ابتڙ بليڪ لسٽ ٽيل ڪٽڙ جي پٽر سميت ناقص مٽريل ۽ اسٽيميٽ ۾ ڇاڻايل روڊن جي ٻنهي پاسن مٽي جي پرائي نه ڪرايي ويي ۽ نه ئي پٿر جي پرائي ۽ ٽڪنس ڏيڻ فٽ جي جاءَ تي بيماري ۽ ايمرجنسي ۾ انهي روڊن تا هلڻ ۽ ٻيهر ٽيڪنس ڏيڻ فٽ تائين ناقص مٽريل استعمال ڪري سموريا بل ناهي ميڪا ڪريشن ڪري انجنيئر رٽائرڊ ٿي ويو آهي هن روڊن جي آس پاس جي ڳوٺائن ٻڌايو ته اسان کي هن روڊ جي آس پاس هزارين ڳوٽ لڳن ٿا ۽ بيماري ۽ ايمرجنسي ۾ انهي روڊن تا هلڻ اسان لاءِ محال ٿي چڪو آهي ڏريعي ٻڌايو ته پروونشنل هائي ويز جو هڪ ڪلارڪ هن وقت ڪرب پٽي ڪيئن ٽيو هن جي خلاف نيب اينٽي ڪريشن ۾ به ڪافي دفعا جاچ شروع ٽيون پر سپ ڪميشن جي عيوض رڪجي ويون آهن ڏريعي ٻڌايو ته ڪاغذن ۾ ڇاڻايل روڊ ۽ ڇاڻايل مشينري ڪڏهن بدين جي روڊن تي ڪر ڪندي نه ڏٺو آهي ۽ اڪثر ٽيڪيدار ڪمپنيون فرضي نالن سان ٽهيل آهن ۽ ڪاتي جي ڪلرڪ سميت آفيسر روڊن جا ٽيڪا ڪنڊا آهن يا من پسند ڪمپنين سان پائيواري رکندا آهن ٻي طرف بااثر ماڻهن جا ڪاغذي روڊ ۽ ڇاڻايل مشينري ڪڏهن بدين جي روڊن تي ڪر ڪندي نه ڏٺو آهي ۽ اڪثر ٽيڪيدار ڪمپنيون فرضي نالن سان ٽهيل آهن ۽ ڪاتي جي ڪلرڪ سميت آفيسر روڊن جا ٽيڪا ڪنڊا آهن يا من پسند ڪمپنين سان پائيواري رکندا آهن بدين جي ساڃاه وند ماڻهن ڏهاڙي ميلي